# بنگلاديش جو سندربن

هي ڪهاڻي ان زماني جي آهي جڏهن ستن سالن جي ليلا پنهنجي ماءَ پيءُ سان گڏ بنگلا ديش ۾ رهندي هئي. ليلا کي ڪتابن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. هڪ ڏينهن کيس پنهنجي پيءُ جي ٽيبل تي هڪ وڏو ڪتاب رکيل نظر آيو، جنهن تي سائي ۾ سنهري لفظن سان سندربن لکيل هو. ڪتاب جي اندر ڪيترن ئي جانورن جون تصويرون هيون جيڪي ان وڏي گهاٽي جهنگل جا رهواسي هئا. جانورن ۾ هرڻ به هئا جن جي ڳاڙهسري پوري رنگ جي کل تي ننيڙا ننڍڙا اڇا داغ هئا. ڪميون، نانگ ۽ پولڙا به هئا ۽ هڪ مانگرمڇ به هئو. انهيءَ ڪانسواءِ طرح طرح جا پکي پڻ هئا.

هڪ صفحي تي ليلا کي هڪ وڏو شينهن به نظر آيو،

”بابا“ ، ”بابا“ ليلا پيءُ کي سڏيو، ۽ ان کي اها تصوير ڏيکاري.

بابا مرڪيو ۽ چيائين ته ”هي شينهن بنگالي ٽائيگر آهي، ڏسي ته سهي ڪيڏو شاندار جانور آهي! تڏهن ته ان کي رائل بنگالي ٽائيگر يعني شاهي بنگالي ٽائيگر پڻ چوندا آهن، ۽ هي جهنگل جنهن ۾ هي سڀ ۽ ٻيا به ڪيترائي جانور ۽ پکي رهندا آهن ان کي سندربن چئبو آهي. مان ۽ تنهنجي امان اسين هي ڪتاب پڙهي رهيا هئاسين، اسان جو ارادو آهي ته ڪڏهن توکي ان جنگل جي سير ڪاڻ وٺي وڃون.“

”پر اهو شينهن!“ ليلا گهبرايل آواز ۾ چيو

”اهو ته رات جو نڪرندو آهي ۽ پنهنجو شڪار ڪندو آهي، پر ها صبح ساجهر ۽ سج لٿي به هو نڪري پوندو آهي پر اسان ته ڏينهن جو ويندا سين ۽ سج لٿي کان اڳ ئي موٽي ايندا سين.“

ليلا جو منهن لهي ويو، هن چيو ”ته پوءِ اسان ان شينهن کي ڪيئن ڏسندا سين؟“

بابي کلي ڏنو چيائين ”يا ته تون ان کي ڏسندين يا ته ڪونه ڏسندينءَ“ پر وري ڪجھ سوچيندي چيائين ”اھو ٿي به سگھي ٿو ته شينھن اسان کي نظراچي وڃي.“

منجھد کان پوءِ ليلا پنھنجي سيڻي کان پڪي دوست نيلو کي فون ڪري اھو ٻڌايو ته ”اسان سندربن جنگل گھمڻ وڃي رھيا آھيون، ٿي سگھي ٿو ته اتي اسان کي بنگالي ٽائيگر به نظر اچي وڃي. “

نيلو چيو ته ”بنگالي ۾ اسان ان کي ’ٻاگھه‘ چوندا آھيون، سندربن جنگل ۾ پھچڻ کان پوءِ ٻاگھه جو نالو ڪڏھن به نه وٺجي نه ته پنھنجو نالو ٻڌندي ئي ھو اچي ويندو ۽ توکي ڏسي وٺندو ۽ توکي خبر آھي ته ھو سٺو تيراڪ پڻ آھي، ھو چارميل ترڻ کانپوءِ به ٿڪجندو ناھي.“

اھو ٻڌندي ئي ليلا تمام گھڻو ڊڄي وئي فون رکي ھو ماءُ پيءُ وٽ ڊوڙندي آئي ۽ چيائين ته ”امان بابا توھان کي خبر آھي، نيلو ٻڌائي پئي ته سندربن جنگل ۾ يا ان جي ويجھو ڪڏھن به ٻاگھه جو نالو نه وٺڻ کپي نه ته ٻاگھه فوراً اتي اچي ويندو آھي ۽ اسان کي کائي ويندو.“

اھو ٻڌي بابي ٺھڪ ڏنو پر امان مرڪندي چيو ته ” نيلو توکي ڳالھه ٻڌائيندي اھو وساري ڇڏيو ته جنگل ۾ شينھن جو يعني ٻاگھه جو نالو وٺڻ بدران جي ان کي مامون چئي مخاطب ٿجي ته پوءِ ھو توھان کي ڪجھ نه چوندو.‘ ”عافيه تون چڱي طرح ڄاڻين ٿي ته اھا ڳالھه بلڪل غلط آھي!“ بابي پنھنجي زال کي مخاطب ٿيندي چيو ”۽ ھا ٻڌ ليلا، جيڪڏھن ڪا پياري ڳئون بکايل شينھن کي ’مامون..ماما‘ چئي به ڪٽي پر بکيو شينھن ضرور ان کي کائي ڇڏيندو، اھي ڪھاڻيون جيڪي تون ٻڌي رھي آھين اھي ته ايئن ئي ماڻھون پنھنجي دلچسپي لاءِ گھڙيندا آھن. “

جيڪڏھن توکي ڪنھن به شئي کان ڊپ لڳي ٿو ته ان جي باري ۾ صحيح معلومات حاصل ڪر، اھڙي طرح توکي پنھنجي حفاظت ڪرڻ اچي ويندي ۽ پوءِ توکي ڊپ به ڪونه لڳندو.“

بنگال ۾ سياري جي موسم ۾ ٿڌ گهڻي ته ڪونه پوندي آهي پر موسم خوشگوار ٿي ويندي آهي. آچر ڏينهن صبح ساجهر هو سندربن جنگل وڃڻ لاءِ نڪتا ته موسم وڻندڙ هئي. سج جي ڪرڻن آسمان تي ڳاڙهو ۽ سنهري رنگ ڦهلائي ڇڏيو هو، سندربن وڏو ۽ گهاٽو جهنگل آهي ان جي وڻن جو پاڙون خليج بنگال جي لوڻياڻي، درياءَ جي سادي پاڻي ۽ ساحل تائين ڦهليل آهن.

امان جهنگل طرف اشارو ڪندي ليلا کي ٻڌايو ته ” هي وڻ ”مين گرونو‘ جا آهن، ماکي جو مکيون هن وڻن تي ماکي جا منارا ٺاهينديون آهن، اهائي ماکي جيڪا تون گهر ۾ شوق سان کائيندي آهين.“

ليلا شوق ۽ دلچسپي سان جنگل کي ڏسي رهي هئي، هوءَ انهن جانورن جي ڳولا ۾ هئي جن جو تصويرون هوءَ ڪتاب ۾ ڏسي چڪي هئي، پر اجا تائين ته کيس فقط اتي پکي ئي نظر آيا هئا. اوچتو ان کي ڪجه ٻيو به نظر آيو، ليلا ماءُ پيءُ کي مخاطب ٿيندي چيو ”امان بابا هو ڏسو، ٻولڙي پنهنجي ٻچي کي پٺيءَ تي ويهاري وڃي رهي آهي.“ ليلا جي ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي پنهنجي دوربين سان ان طرف ڏٺو جنهن طرف ليلا اشارو ڪيو هو. ”لڳي ٿو ته ٻولڙي جي ٻچن کي ڏاڍو مزو اچي رهيو آهي، بلڪل انسانن جي ٻارن وانگر.“ امار مرڪندي چيو. بابي پنهنجي دوربين ليلا کي ڏيندي چيو ته ”هي ٻولڙا رسيسس چورائيندا آهن، مين گرئو جي جهنگلن ۾ وڏي تعداد ۾ ملندا آهن. ها، ٿورو پنهنجي ساڄي پاسي ته نهار، هو ڪانيءَ جو ٻنڊ ڇا آهي؟!“

ليلا دوربين سان ڏسندي چيو ”ها، مون کي نظر اچي ويو، پر اهو ڪاٺ ناهي، اهو ته مانگر مڇ آهي. هان توهان پاڻ ڏسو.“ اهو چوندي ليلا دوربين پيءَ طرف وڌائي، ”تون صحيح پئي چئين اهو مانگرمڇ ئي آهي، لڳي ٿي ته نيرن لاءِ مڇيءَ کي ڦاسائڻ جي ڪوشش پيو ڪري“

’’ويچاريون مڇيون‘‘ ليلا چيو. ’’سڀ ساهوارا ڪجھ نه ڪجھ ته کائيندا آهن، مڇيون به پنهنجي لاءِ شڪار ڪري رهيون آهن‘‘ ليلا پڇيو ’’مڇيون ڇا کائينديون آهن؟‘‘ ’’مڇيون ڪيڙا مڪوڙا ۽ پاڻ کان ننڍڙيون مڇيون به کائينديون آهن، مکيون ۽ مڇر پڻ کائينديون آهن.انهيءَ کانسواءِ هو مين گروئو جي پاڙيءَ ۾ ڇڙيل ڳريل پنن کي پڻ کائينديون آهن. ۽ اها انهن جي مفيد غذا آهي‘‘

منجهند جي ماني جو وقت ٿيو ته هڪ ملاح ماني ڪٽي اتي پهتو ۽ مرڪندي چيائين ته ’’اسان جي چنگڙي مڇيءَ جو ڀوڙ ته کائي ڏسو.‘‘ ننهي مسافرن کي هاڻي بک به لڳي رهي هئي، بابي پنهنجي پليٽ ۾ ڀوڙ وجهندي چيو ته ’’ واه! آپ ناڪي انوڪ دهنيوا باد (توهان جي وڏي مهرباني) ملاح چيو ته ’’اسان سڄ اڀرڻ کان اڳ جهينگا پڪڙڻ نڪرندا آهيون، ان کان پوءِ اڇي مون هي ڀوڙ رڌيو هو.‘‘ امان به ڀوڙ مان گرهه ڀريندي چيو ته ’’مون ههڙو سوادي جهينگن جو ڀوڙ اڳ ڪڏهن به نه کاڌو آهي.‘‘ ملاح چيو ته ’’مهرباني بيگم صاحبه‘‘ خوشي سان اهو چوندي هو هليو ويو.

درياءَ جون ڪيتريون ئي سنهڙيون شاخون جهنگل کي ڪاٽيندي اندر هليون ويون هيون. جنهن ٻيڙيءِ ۾ ليلا ۽ سندس ماءُ پيءُ هئا، اها به انهن شاخن مان ڪنهن هڪ طرف مڙي وئي هئي. ليلا جون نظرون بابي جي دوربين منجهان ساحل تي جانورن جي تلاش ۾ هيون. هو گهڻي کان گهڻا جانور ڏسڻ پئي چاهي پر خاص طرح ته ڪيس بنگالي ٽائيگر جي تلاش هئي. ايتري ۾ بابي چيو ته ’’ليلا، عافيه هو ڏسو!‘‘ هو درياءَ جي ٻي طرف اشارو ڪري رهيو هو، ماءُ ۽ ڌيءَ ٻنهي پنهنجي دوربينن جو رخ ان طرف موڙيوته کين تمام گهڻا هرڻ نظر آيا جن جي کل ڳاڙهسري پوري هئي ۽ انهن تي ننڍڙا ننڍڙا اڇا نشان هئا. انهن مان به ٽي هرڻ درياءَ ۾ منهن وجهي پاڻي پي رهيا هئا. باقي ٻيا هرڻ گاه چرڻ ۾ مشغول هئا. ها هڪڙو هرڻ جنهن جا وڏا وڏا سنگ هئا، اهو ساحل تان بيهي هنن جي ٻيڙي ڏانهن غور سان ڏسي رهيو هو. ائين پيو لڳي چڻ ته هو باقي سڀني هرڻن جو محافظ هجي. ’’ڏس،ڏس ليلا‘‘ عافيه چيو، ’’هو هرڻن جو ڌڻ ڏسين ٿي؟ انهن جو نالو چيتل آهي،

ڪيڏا خوبصورت آهن.“ ليلا هرڻن جي ڌڻ ڏانهن ڏنو ۽ مرڪندي چيائين ” لڳي ٿو ته انهن تي تارن جو مينهن وسيو آهي!“ امان کلندي چيو ”صحيح ٿي چوين، ايئن ٿو لڳي چڻ سج جي ڪرڻن انهن جي اڇن داغن ۾ روشني پري ڇڏي هجي.“

ايتري ۾ ملاح شام جي چانهن کڻي آيو ”هي گڙ ۽ مصالحي واري چانهن آهي، اهو ٻڌندي ئي بابي جهٽ سان چانهن جو ڪوپ هٿ ۾ کڻندي چيو ته ”اڙي يار هن چانهن تي مان جان ڏيندو آهيان.“ امان ٻيو ڪوپ کنيو، ملاح ليلا کان پڇيو ” ڌيءَ، تون چانهن پئيندينءَ يا کير؟“ ٿري ۾ هڪ ڪوپ ۾ چانهن ۽ ٻي ڪوپ ۾ کير پيل هو، ليلا کير وارو ڪوپ کنيو ۽ شرمائيندي چيو ”ڌهنيواد“ چانهن پيئڻ کان پوءِ هو وري ٻيهر جانورن جي ڳولا ۾ لڳي ويا، ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ملاح انهن کي چيو ته ”هاڻي سج لهڻ وارو آهي ۽ شينهن جي جاڳڻ جو وقت ٿي ويو آهي، چاڪاڻ ته ٻيڙي گهاٽن وڻن جي وچان درياءَ جي سنهڙي شاخ منجهان گذري رهي آهي، سو انهيءَ ڪري خطرو آهي، ٻيڙيءَ جو رخ کلنا شهر جي طرف هو، جتان هو هيڏي اچڻ لاءِ آيا هئا.

عافيه دوربين لڳائي ڏسي رهي هئي، ”هي ڇا شئي آهي پاڻي ۾ ترندي پئي اچي؟ ايئن پيو لڳي چڻ ڪنهن جانور جو چهرو هجي.“ اهو چوندي هن دوربين بابي کي ڏني. بابا ان کي هڪ ڀيرو ڏسڻ کان پوءِ ٻيهر وڌيڪ غور سان ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ ملاح پڇندو آيوچيائين ”هو ڏسو شينهن تري پيو“ پاڻي ۾ ترندڙ اها شئي شينهن جو چهرو هئي، هن جو باقي ڌڙ پاڻي جي اندر هو ۽ نظرن کان پري هو. پر جڏهن ترڻ جي دوران هن جا اڳيان پير ٻاهر نڪرن پيا ته نظر ٿي آيا. بنگالي ٽائيگر ڏاڍو تيزي سان تري رهيو هو، يقيناً هن جي شاهاڻي دل ڪنهن اهڙي جاندار تي اچي وئي جنهن کي شڪار ڪرڻ لاءِ سندس سچو ڌيان ان تي ئي کتل هو.

شينهن کي ڏسي ليلا کي تسلي ٿي، ۽ جڏهن شينهن نظرن کان اوجهل ٿي ويو ته هن پنهنجي دوربين جو رخ جنگل جي ٻي طرف ڪري ڇڏيو. ”سندربن تون ڪيترو حسين جهنگل آهين!“ اهو چوندي هن پنهنجو ڪنڌ ماءُ جي ڪلهي تي لاڙي ڇڏيو، هوءُ هاڻي ٿڪجي

چڪي هئي. ماءُ هن جي پٺي تي هٿ ڦيرائيندي چيو ”ليلا تو ته سندربن جو ترجمو ڪري ڇڏيو، توکي خبر آهي ته سندر بن جو مطلب ڇا آهي؟ “حسين جهنگل.“

آمنه اظفر

سنڌيءَ ۾ ترجمو

عطيه دائود